SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

# سنڌ آرڊيننس نمبر I مجريه 1972
# SINDH ORDINANCE NO.I OF 1972
# سنڌ اسپيشل ٽربيونل (منسوخي) آرڊيننس، 1972
# THE SINDH SPECIAL TRIBUNAL (REPEAL) ORDINANCE, 1972

## فهرست (CONTENTS)

تمهيد (Preamble)

دفعات (Sections)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

2. 1970 جي سنڌ آرڊيننس III جي منسوخي
Repeal of Sindh Ordinance III of 1970

# سنڌ آرڊيننس نمبر I مجريہ 1972
# SINDH ORDINANCE NO.I OF 1972
# سنڌ اسپيشل ٽربيونل (منسوخي) آرڊيننس، 1972
# THE SINDH SPECIAL TRIBUNAL (REPEAL) ORDINANCE, 1972

[14 فيبروري 1972]

آرڊيننس جنهن ذريعي سنڌ اسپيشل ٽربيونل آرڊيننس، 1970 کي منسوخ ڪيو ويندو.

تمهيد (Preamble)

جيئن تہ سنڌ اسپيشل ٽربيونل آرڊيننس، 1970 کي منسوخ ڪرڻ ضروري ٿي پيو آهي؛

هاڻي تنهن ڪري، 25 مارچ 1969 جي مارشل لا لڳائڻ واري اعلان موجب، عبوري آئيني حڪم نامي جي روشني ۾ ۽ مٿي ڄاڻايل سمورن اختيارن مطابق سنڌ جي گورنر ۽ زون ”D“ جي مارشل لا ايڊمنسٽريٽر هيٺيون آرڊيننس جوڙي نافذ ڪرڻ فرمايو آهي:

مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

1. (1) هن آرڊيننس کي سنڌ اسپيشل ٽربيونل (منسوخي) آرڊيننس، 1972 سڏيو ويندو.

(2) هي فوري طور ۽ پندرنهين فيبروري 1972 کان لاڳو ٿيندو.

1970 جي سنڌ آرڊيننس III جي منسوخي
Repeal of Sindh Ordinance III of

2. (1) سنڌ اسپيشل ٽربيونل آرڊيننس، 1972 کي منسوخ ڪيو وڃي ٿو.

(2) سنڌ اسپيشل ٽربيونل آرڊيننس، 1970 جي منسوخي، جيڪا هن کانپوءِ مک آرڊيننس طور ڄاڻائي ويندي، هن آرڊيننس ذريعي ذيلي دفعہ (3) جي

1970 گنجائشن تي اثرانداز نہ ٿيندي:

(a) مک آرڊيننس جو ان کان اڳ ڪيل آپريشن، يا ان سلسلي ۾ ڪجھ ڪيل يا متاثر ٿيل؛ يا

(b) ڪو ڏنڊ، ضبطگي يا ان سلسلي ۾ مليل ڪا سزا؛ يا

(c) ڪا قانوني ڪارروائي يا اهڙي ڏنڊ جي سلسلي ۾ ڪا رهت، سزا جي ضبطگي جي مٿي ڄاڻايل آهي ۽ اهڙي قانوني ڪارروائي يا قدم جيڪو کنيو وڃي، جاري رکيو وڃي يا لاڳو ڪيو وڃي، جھڙوڪ مک آرڊيننس منسوخ نہ ڪيو ويو آهي.

(3) ڄاڻايل عدالت جي سامهون التوي هيٺ سمورا ڪيس، هن آرڊيننس جي لاڳو ٿيڻ کان فوري اڳ دائره اختيار رکندڙ خاص جج جي عدالت ڏانهن منتقل ٿي ويندا ۽ ٻڌڻي هيٺ ايندا ۽ ان طرفان نيڪال ڪيا ويندا، جھڙوڪ اهي ڪيس اصل ۾ ڄاڻايل عدالت ۾ داخل ڪيا ويا هئا.

**نوٽ: آرڊيننس جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.**